(Sindhi)

1005
9|91

3007 — 8 — P

S. No 9

Sindhi

3007
Sindhi

قيمت ٠-١-٠

# ڦاسي

"گيت مالها"



رچيندڙ — هوندراج "دکايل"

NATIONAL ARCHIVES LIBRARY
No 3007
Date 12.3.72
GOVT. OF INDIA

١٠ جون ١٩٣٦

## مهاڳ

سنڌ جي شاعريءَ سڄاڳائيءَ ۾ لاڙڪاڻه پاڻ چڱيءَ طرح موکيو آهي- سريمت کشنچند ”بيوس“ ڀريءَ ڀريءَ کوتا جي رونق ۽ نزاڪت سان ڪيترن ڄاڻن کي موهيو. پر اڄ ڪالهه جڏهن هندستان ۾ قومي زندگي خوب حيات ٿي رهي آهي تڏهن وري منهنجو هم وطني ۽ ٻانهن ٻيلي سريمت هونداج ”دکايل“ انهيءَ قومي زندگيءَ کي پنهنجي رسيلن گيتن سان حيرت انگيز طاقت بخشي رهيو آهي- نه فقط ”دکايل“ هڪ لاڏاني شاعر آهي پر موهيندڙ ڳائيندڙ به آهي- مان سندس قومي گيت روز ٿو ٻڌان ۽ اهو بلڪل وڌاءُ نه آهي ته سندس گيت ٻڌي اهڙو ته موهجي وڃبو آهي جو ڪيتري وقت تائين بدني وجود کان بي هوش ٿي وڃبو آهي.

مان اها دعويٰ نٿو ڪريان ته ڪو مان ڪوتا جو ڄاڻو آهيان - پر ”دکايل“ جا شعر اهڙي ته قسم جا آهن جو ڪو به اڻڄاڻو هڪ نظر سان ڇڻي سگهندو ته بيشڪ سندس شعرن ۾ لطف، نزاڪت، قومي اتساه ۽ مطلب ڀريل آهن. اميد اٿم ته سنڌ ”واسي گيت مالها کي چڱو چوکو آدر ڀاءُ ڏيندي.

**نهچلداس ڌهرسنگهه وڪيل** لاڙڪاڻه

## شهيد

## !! ڀڳت سنگهہ !!

سوريءَ جي چڙهيو سيج تي سالار ڀڳتسنگهہ - سردار ڀڳتسنگهہ
ڀارت جو ٻچڙو لاڏلو دلدار ڀڳت سنگهہ -- " "

١- هر جاءِ هندستان تي ماتم مچايو - ۽ نير وهايو
هر دل تي ڇيو محب هو من ٺار ڀڳتسهنگ " "

٢- لاهور مان ڀهتو جڏهن دلسوز نيايو - هر جا ٿيو سيايو
سو رهيه هو سچو ديس جو سينگار ڀڳتسنگهہ " "

٣- ڀارت جي جوانن جو اهو روح روان هو - روشن ۽ عيان هو
هر دل ۾ ڦري ڳپت ٿو ديدار ڀڳتسنگهہ " "

٤- ڦاسيءَ جو سٽي جڪم خوشيءَ ۾ نہ سمايو - جڻ بود ۾ آيو
ٿيو تور ۾ وٺ وير وفادار ڀڳتسنگهہ " "

٥- ٻوليون جو لکيو ٻيءَ ڏي هن شير چٽو هو - ڪهڙو نہ مٺو هو
جنهن ۾ هو ڇٽيو عشق جو اسرار ڀڳتسنگهہ " "

٦- ڀارت جي ڏکي ٻيون ۽ ڪنبي ٿهر ڪان ويئي -
ٻيا روح ۾ ڪيئي

هو سرس وڏو سوز جو آثار ڀڳتسنگهه " "

۷- چا چنڊ جي چهري تي لالاڻ لڳائي- جڏهن ڦاسي تي آئي
مهتاب به ماتم سان ڪيو ڏار ڀڳتسنگهه " "

۸- نعرن جو ”دڪايل“ وڳو هر جاءِ نغارو- هو دردي نظارو
ڳوڙهن جو ڳلن تي ٿيو ڦري ڌار ڀڳتسنگهه " "

* * * * * * * *

## * ديس صدقي *

* * * * * * * *

طرز- هر اڪ هندي نون فرهاد بڻادي - بڻادي - بڻادي

ٿلهه- ڌاري اي هندي ڪا سرڪار نه گهرجي نه گهرجي
ٿو ملڪ مٺان هي آزار نه گهرجي " "

شعر- جيو آنهين اوس مرندين مگر مر شير نر بڻجي
بهادر سورهيون بڻجي نه مر ڳيدي ڳدر بڻجي
ڪنجهي ڪرڪي ڪنو ٿي ڇو مرين ٿو مفت مرضن ۾
اچي مر ديس جي صدقي سپاتر ۽ سندر بڻجي
هن وقت سهڻو ٿيو سينگار نه گهرجي " "

شعر- جني پرتاب شيواجي گرو گوبند پيدا ٿيا
اتي تون ڪيئن رهي سگهندين نماڻو ۽ نڌر بڻجي
ڪني وٺ چاهه مان چرڪو وڏي سڪ شوق شوق شرڌا سان
ڪندو هي ائٿ آزادي سدرشن جو چڪر بڻجي

اٺت ٻڌان ٻيو آڌار نہ گهرجي
"                  "
شعر — جڏهن زالون بہ ٿي ظاهر پيون ميدان ۾ ڪاهي
تڏهن توکي نہ واجب هو رهڻ بي دل پٽر ٻڻجي
هندستاني ڏسي هيڻا ٻڻيا مردار ڏرو وارا
ٻڌي چرچل سندا چرچا نہ رهہ موگو مٽر ٻڻجي
اهڙو هند وهي مردانہ گهرجي —
"                  "
شعر — لڻين لوڙهين بندوقن سان وتن وطني پاپي قتيا
تہ پيي بي غيرتي تي رهہ نہ سرڪاري نفر ٻڻجي
رهياسون ڏيڍ سؤ سالن کان جو ڪمزور ڪائر ٿي
سزا تن جي مٿان آئي غلاميءَ جو قهر ٻڻجي
اهڙو گند و سر تي بار نہ گهرجي
"                  "
شعر — غلامن کي شريعت ۾ نہ حج واجب مسلمانو
رهي اسلام ۾ آزاد ٿي شمس و قمر ٻڻجي
بچايو زير خنجر پيي اوهان پيغام آزادي
غلاميءَ ساط اسلامي رهي ڪيئن همسفر ٻڻجي
طوق غلامي زنهار نہ گرجي —
"                  "
شعر — جهڪائي جي حضوريءَ ۾ ڪيو سيين ڪنڌ جي اُبتو
تہ پوندي کو ٻراتي ٿي پنڌ وارو ڪنگر ٻڻجي

اُتو جاڳو مِيا ڻا ٽيو اتو ھي آخرين موقعو
دڪا ئيل جي ھٿان ھي ويو پنھنجداسون حشر ٻئي جي
اھڙو بي شرم ٻيدار نہ گھرجي–
"  "

## ميڊ ان انڊيا

طرز– يھي دعا ھي ڪ دشمن ڪو ٻيي آزار نہ ھو
ٽيپ– مونڪي ڌارين جو جڙيل ڪو بہ نہ سامان کپي
ميڊ ان انڊيا جو لکيل صاف تہ نيشان کپي

١– مونڪي رختو نہ کپي ۽ نہ پلش برتن جو
پنھنجو ڪاٺ ئي جو اوھو کھرو ٿلھو ٿان کپي

٢– ٻيلو ڪئنچي ۽ نہ سگريٽ کپي پاسنگ شو
پنھنجي سستي ۽ سٺي ٻين جي ٻيڙي پان کپي

٣– مونکي ٻيسڪري ۽ ڊبل روٽي نٿو توسٽ کپي
پنھنجو ڏودو ٿو کپي روٽ کپي نان کپي

٤– ٻين فائونٽن مونکي نہ ولايت جي کپي
خاص چٽسال سان ڪشوري قلمدان کپي

٥– ڇا امريڪا جي مان ٽارچ بجليءَ کي ڪريان
مونکي سونين سنڌو ديسي شمعدان کپي

٦- پنهنجي پٽ ڏان جو ڪيي ماس منجهي انگلنڊ ڏي
اهڙو ٻيجان جڏو خاص نه انسان ڪيي

٧- جي لڙائيءَ ۾ ڪري ٻي نه سگهو قرباني
ديس صدقي رڳو ٻائڪاٽ جو احسان ڪيي

٨- جو دڪايل هو ڪڏهن باغ ارم کان سائو
هاءِ سو هند جو اجڙيل نه گلستان ڪيي

# پنڊت موتيلال جي بي وقت موت تي لکيو ويو

طرز- هيءَ هتي آرام ناهي تو سواءِ تنهنجو قسم

ٿلهه- غم گهٽا جو آسمان تي ويو اچي ڪارو لباس
تي وسي ڳوڙهن جي ڦڙ ڦڙ ويو مچي ماتم خاص

١- باغ ڀارت مان چمن جي ويو شاهه گل شوڪت ڀريو
جنهنجي خوش ناموس وارو واءِ اندر آهه واس

٢- هند واسين جي جگر تي زخم هي اونهو رسيو
آهه مايوسيءَ مهاندن ۾ ۽ هرڪا دل اُداس

٣- موت موتي لعل نهروءَ جو سڻون کهڙي ڪنين
۽ ڇڻون کهڙيءَ زبان سان ٿيو ڀنڊت جي سرڳواس

٤- قيد خاني ۾ ان ٻرائي مرض مارُولا علاج
پيٽ قرباني اگيان سو رهيو ڏري ويو ساس ساس

٥- جنگ آزاديءَ ۾ اڳرو آهه نهرو خاندان
ديس ليءِ جنهن راج ڌڪو ٺڪرائي ڪيو ڌارڻ سنياس

٦- هند واسين جو هي مربي، بابو جوهر لعل جو
ساڄو هٿ گانڌيءَ سندو ۽ سمجهه ۾ سي آرداس

٧- هاءِ هن نازڪ سمي ۾ گهرج هئي تنهنجي گهڻي
ڏس دکايل کهڙو ڦهري ڪال آهي ٻي ڦياس

## فئشن پوڄاري

طرز- ٿا ملڪ ڪريو برباد سي آءِ ٻڌيءَ وارا

ٿلهه- ٿا ملڪ ڪريو برباد — اي فئشن پوڄاري
اٿي عام اها فريـاد — اي فئشن پوڄاري

١- جو خوني ڪپڙو پايو ٿا — بڪ ڀارت جي جو وڌايو ٿا
جو گهر کي آڳ لڳايو ٿا — اي فئشن پوڄاري

٢- اوهين علم پڙهي جاهل ٿيا — خود قوم جا قاتل ڪاهل ٿيا
جو نت شت پاسي مائل ٿيا — اي فئشن پوڄاري

٣- ڏرو درد نه دل ۾ ڌاريو ٿا - ڪجهه قومي فرض نه ساريو ٿا
چو مفت غلاميءَ گهاريو ٿا - اي فئشن پوڄاري

٤- سڄو ملڪ جڏهن ماتام اندر - اوهين عيشن ۽ آرام اندر
پيئو پيگ پيالا جام اندر - اي فئشن پوڄاري

٥- اگهيان رنڊڪ اوهانجي جي نه اچي
هوند هلچل هيءَ ڪي رنگ ڪري
وٺ ظلم سهڻ کان ملڪ بچي — اي فئشن پوڄاري

٦- اوهان صدقي هزارين جيان ۾
وڌا وير وڃي پيا ويلن ۾
اوهين اڃا تماشن کيلن ۾ — اي فئشن پوڄاري

٧- جي مدد نه ڏيو آزار نه ٿيو - هن شاهه راهه ۾ خار نه ٿيو
جي پنهنجا نه ٿيو ته بيزار نه ٿيو - اي فئشن پوڄاري

٨- ڏيو آٿت ديس دکايل کي - ڪريو تنگ نه ماتم ستايل کي
وٺو موتي ملڪ وڃايل کي — اي فئشن پوڄاري

## شڪارپور جي شير دل گنگا ديوي

طرز- مسڪرائي جاتي هو ڪجهه منهن سي فرمائي ڪي بعد

**شعر**- گرچندي گندي تڪر جي قيد ۾ ڪاهي هلي
سڀ سکن آسائشن جا آسرا لاهي هلي

ڪانگريسي ڪارڪي مڙدن ڪان وڌ ڏاهي هلي
قاعدا سرڪار جا بي ڌڙڪ ٿي ڊاهي هلي
سا سچي سنمان واري آهه ناري جيل ۾
سنڌ مان ڀرين گنگا ديوي ٻڌاري جيل ۾

**شعر**— تنهنجا هم وطني دنيا جي دور ديسن ۾ وسن
ٿيو ڪراچي بمبئي ۽ ڪلڪتو جن جو وطن
سرخرو تن کي ڪيو تو فخر ٿا توتي ڪن
تنهنجي ناري جي مٿان ڀلهار سڀ ديوي وڃن
تو ڪئي حاصل حقيقي سوڀ ساري جيل ۾
سنڌ مان ڀرين گنگا ديوي ٻڌاري جيل ۾

**شعر**— جنهن ۾ ٿيو تنهنجو جنم سو گرپ پڻ ٿيو تر اُتم
جنهن نپايو توکي ننڍڙي گود سو برتر اُتم
واس جنهن ۾ تنهنجو ٿيو سو نگر ۽ گهر اُتم
تو ٻڌايو سنڌڙيءَ ساريءَ کي اڄ ڀهتر اُتم
تو مٿان آزادگيءَ جي جان واري جيل ۾
سنڌ مان ڀرين گنگا ديوي ٻڌاري جيل ۾

**شعر**— تنهنجي اڳواڻيءَ اڳيان قومي جهنڊو جهلندو هليو
نئون جوانن جي رڳن ۾ خون ٿي چلندو هليو
پٽڪندو موذي منع ناموس پنهنجان رلندو هليو

منهن مگر تنهنجو مرڪ سان ڀڪند و ڪلند و هليو
پرت پنهنجي ديس سان تو نڀت ڀاري جيل ۾
سنڌ مان ڀرين گنـــگا ديوي ڀڏاري جيل ۾

شعر— رشڪ تي تنهنجي مڙي ايندي يون سوين ڀيون استريون
مرڪندي يون ميدان جنگ ۾ ڏس اچن ٽيون استريون
بمبئي سنڌ کي ٻڌائي اچ چڏيندي يون استريون
خون دل ڪولي خوشيءَ سان پيٽ ڏيندي يون استريون
ٽيو نماڻي خون جو درياهه جاري جيل ۾
سنڌ مان ڀرين گنـــگا ديوي ڀڏاري جيل ۾

## ســــرگس لاءِ

ٽيڪ— ملڪ سڄي جو رايو— هيءَ ڌاري حڪومت ڊاهيو

١— ڀڙڪار جا گولا ڇوڙي— ڇڏيو ظلم جو راج اُکوڙي
قومي جهنڊو جهلايو — هيءَ ڌاري حڪومت ڊاهيو

٢— آهه اوهانجي طرف سچائي— ستيا گره جي لڙو لڙائي
مهاتــمــا فــرمــايـــو — هيءَ ڌاري حڪومت ڊاهيو

٣— تيغ اهنسا آهه تکيري— ڪندي مطيع ملڪ جاويري
سوڀ جو آهي سعيو — هيءَ ڌاري حڪومت ڊاهيو

۴- ڪرڪيتر ۾ ڪاهي اچڄو- ويروه انوڪي پنهنجي رچڄو
اڳتي قدم وڌايو — هيءَ ڌاري حڪومت ڊاهيو
۵- اڃا اوهين ڇا غلام رهندا - ظلم صبر سان ڪيسين سهندا
پنهنجو شان بچايو — هيءَ ڌاري حڪومت ڊاهيو
۶- ڀارت ماتا آهه دکايل — تيغ غلاميءَ جي سا گهايل
تنهنجو درد گهٽايو — هيءَ ڌاري حڪومت ڊاهيو

## پنهنجي ڪي هٿايو
## سرگس لاءِ

طرز- مٺان ڪرين ارمان ڙي مهيارا                سر صوفي

ٽالهه- پنهنجي ڪسي هٿايو ڪاڏي پايو

وديشي ڪپڙو ڪين گهرايو پنهنجي ڪي هٿايو ڪاڏي پايو

۱- ڪروڙين ڀائر بک مرن ٿا روٽيءَ ٽڪري لاءِ رڙن ٿا
تن جو پيٽ ڀرايو- ڪاڏي پايو ..........

۲— پنهنجي بدن تي پائي جو ڙيڙن- جوڻ بچايون سٽ ڪروڙين
ڌارين ڌن لٽايو ڪاڏي پــايو ..........

۳— ڪاڏيءَ سان ٿيندي خوشحالي- ڀاڄ بچايون پنهنجي ملڪ
گانڌيءَ آ فرمايو- ڪاڏي پـايو ..........

۴— ملڪ سڄي ۾ ماتم آهي - چو ڌاري ڇانيل غم آهي .
ڀارت جي بک لاهيو- ڪاڏي پايو ..........

٥— ڀارت ماتا ھنجون ھاري - جاڳو ڀِتا ڀيڻي ڀڪاري
تنھنجو درد مٽايو - ڪاٽي ڦابو .........

٦— جاڳو ديوين دير نہ لايو - ڪين اجايو وقت وڃايو .
آيل آئت ھلايو - ڪاٽي ڦـــابـو .........

٧— آئہ ,, دڪابل ,, سمو سڀاڳو - ڀارت واسي ڀائر جاڳو
راڄ وٺڻ جو سعيو - ڪاٽي ڦابو ......

## قـابـل ھـتـيـار
## سـرگـس لاءِ

طرز - آگيا پنت اڪالي بابا آگيا پنت اڪالي

ٽيڪ - انگلنڊ جي بيڪاري ٿي ڀارت جي وس ساري

١— بهشڪار وارو بم گولو - وڃھي ٿو گورن جي گھر رولو
باھ وڌي جنھن ڀاري - ٿي ڀارت جي وس ساري

٢— لئنڪشائر کي لوڏو آيو - ڏيوالن جي اوڏو آيـــو
بورھيت ٿيا ڀيناري - ٿي ڀارت جي وس ساري

٣— مئنچيسٽر ماندو ٿي ويو ڪمرڪارڪان واندو ٿي ويو
رت روئن واپاري - ٿي ڀارت جي وس ساري

٤— ڪارخانا ھر روز وسامن - ڪلون ٻراٽي لوھ وڪامن
ڏاڍي ٿي لاچاري - ٿي ڀارت جي وس ساري

۵- سگريتن جون سٽيون سيٽيون مونن ۾ منهن پائي وينيون
آپ گهاٽ ٿيا جاري - ٿي پارت جي وس ساري
۶- ٻهشڪارجي قائم ٿيندو - بازبدو هي پاٺهي ايندو
ڪندو صلح ليءِ تياري - ٿي پارت جي وس ساري

# ميران ٻائي (مس سليڊ)

طرز- بي وفا آنسون اکين ۾ دل ۾ تنهنجي ياد آهه
ٽلهه - ميل آهي ٻن رنگن جو گوهر ناياب ۾؛
مغربي ٿيو آب ۾ ۽ مشرقي ٿيو تاب ۾.
۱- گوري گوپي ميران ٻائي آهه - جا هئي مس سليڊ؛
مشرقي چاندراڻ آئي مغربي مهتاب ۾.
۲- آشرم جو چنڊ پنڌرنهن روز چمڪڻ آئيو؛
سنڌ اڄ آهي سهائي پکش جي پرتاب ۾
۳- جوڙو ڪاڏي جان تي ۽ دوڙو ڪاڏي خون ۾؛
جاڳندي ٿيو جاپ ڪاڏي ڪاپ ڪاڏي خواب ۾.
۴- بيرو ويدا ۾ پتا ۽ آشرم ۾ مات آهه؛
شرف حاصل هند کي ٿيو خاص مائي باب ۾.
۵- جيءَ پلي آئينءَ اي ماتا سنڌ جو سنمان ٿيو؛
هند آهي اڄ ڏکايل درد واري داب ۾.

# پنج پيارا

طرز- سدا پنهنجو ماتم سدا پنهنجو غم آهي

ٽلهه- وري ماڳ موٽي مهربان آيو،
ڇٽي جيل خاني منجهان جوان آيو.

شعر- ذات نهچلداس جو مشهور آهي سنڌ ۾،
چشم آزاديءَ جو گويا نور آهي سنڌ ۾،
جا بجا شيوا سندس ڀرپور آهي سنڌ ۾،
سنڌ ڏکڻيتر جو ڪم منظور آهي سنڌ ۾.

١- وري ديس پنهنجي ۾ ديوان آيو،
ڇٽي جيل خاني منجهان جوان آيو.

شعر- ديش ڀڳتي مڙس مورو سنگهه جي نروار آهي،
جنهنجي هستي لاڙڪاڻي لاءِ ٿي سينگار آهي،
آهي جو درويش دل اعليٰ سندس آچار آهي.
جان جند سان ڪانگريسي ڪار لءِ جو تيار آهي

٢- سپاٽرهي ڀارت جو سنتان آيو؛
ڇٽي جيل خاني منجهان جوان آيو.

شعر- ديس ڀڳتيءَ ۾ پڪو آهي پيارو پرسرام،
ڏيکي ٿو ڀيکي ڪان جنهنکي آهي ڪا نفرت مدام،

مچه محبت جا اندر ۾ پر نه ظاهر ٿئي ڪلام
جنهنڪي نت ازاد ڳئي جي ذات ۾ تاري تمام
٣— هي ملڪي محبت جو مستان آيو ؛
ڇٽي جيل خاني منجهان جوان آيو .

شعر- ڦانبرو ڪونڌر اسانجا ڌير سو رهيه سنندا س ،
ڳوٺ ڪي تياڳي ڪيو تو لاڙڪاڻي ۾ نواس ،
عيش عشرت ڪي ڇڏيو تو ٿئي زمينداري ڪلاس ،
زور سان وئين قيد ڪاهي پنهنجي خواهش ساط خاص
٤— شمع ملڪ محبت تي پروان آيو ؛
ڇٽي جيل خاني منجهان جوان آيو .

شعر- لال لاڪيٽو اسانجو لڪ لهي تو ليڪراج ،
سور سوراجي صبر سان سڀ سهي تو ليڪراج ،
ديش شيوا ۾ سدا سرهو رهي تو ليڪراج ،
سو ڪري جنسي سگهي جيڪي ڪهي تو ليڪراج .
٥— دڪايل پريمي پهلوان آيو ؛
ڇٽي جيل خاني منجهان جوان آيو .

## لوڪمانيه بال گنگا ڌر تلڪ

طرز- تو اچي موج ۾ موهن جا وڄائي مرلي

خدمت ملڪ ۾ هردم ٿي تون مخدوم رهين
پنهنجي هر مقصد ارادي تي ٿي محڪوم رهين
ظلم سهندي تون زماني جو ٿي مظلوم رهين
بي گناهيءَ سان تون پيريءَ ۾ به معصوم رهين
ديش شيوا جو اکر تو نه ڀلايو هرگز
سر ڪڏهن ظلم جي اڳيان نه نوايو هرگز

٢

قوم ۽ ملڪ جو هردم توکي همدرد چئون
صاحب همت چئون هڪ حوصلي مند مرد چئون
مادر هند جو توکي ئي سچو فرد چئون
ڏانو نيڪيءَ ۾ ٿا فرزند ارجمند چئون
تنهنجي ڪوشش جو وڏو هند تي ٿيو آهه اثر
قوم ۽ ملڪ جا شيدا ٿا اچن خوب نظر

٣

هند کي سوراج جو سرتار بڻايو تو ئي
راڳ هي سليف گورنمينٽ جو ڳايو تو ئي
خواب غفلت مان هو ستلن کي جڳايو تو ئي
صاف ڀللن کي سچو راهه بتايو تو ئي

خود وڃي جهل ۾ تو جهل جي ڏرکي ميٽيو
هٿ ڪڙيون پائي هٿن ۾ تو خطر کي ميٽيو

٤

مادر هند جو اڄ ڪين سونهين ٿو مسنڪ
روح ملڪن ۾ مٿو هاءِ تلڪ هاءِ تلڪ
باغ ڀارت مان گلن جو هي اڏمي ويو ڪنڪ
ظلم ٿي ظلم مٿان تنهنجو رهيو هاءِ فلڪ
تنهنجي تصوير ڦري هند جي نيڻن ۾ سدا
تنهنجو تمثيل تاڪ ديس دکايل ليءِ دوا

## دولت جي ديوي

پيلو

طرز - ڪا ڪر قسم و و ڪهني هٿن ڪس سادگي ڪي سات

١

دولت جي پاڪ ديوي آڪت نشان تنهنجو.
ڪنهن شهر ۾ نگر ۾ سهڻو مڪان تنهنجو،
ڪنهنکي نصيب ٿيو آ اڄ ڪلهه هي مان تنهنجو
ڀارت کي آهه ديوي! هردم ڌيان تنهنجو.

ٿيندي نصيب تنهنجي عشرت ڪڏهن اسانکي
ملندي پڏاءِ تنهنجي راحت ڪڏهن اسانکي .

[ ٢ ]

اي ديوي توکي اڄ مون هر بحر بر ۾ ڍونڍيو
جهنگل پهاڙ وادي شمس و قمر ۾ ڍونڍيو
گنگا ، ڪئلاس ، جمنا ، سنتوکسر ۾ ڍونڍيو
گوڪل ، پراگ ، مٿرا ، ڪاشي نگر ۾ ڍونڍيو
تنهنجي طلب ۾ هر سوءِ ماريم هزار چڪر
ليڪن ٿيو نه مونکي جلوو تنهنجو ميسر

٣

پورو نه ٿيو اڃان ڇا لنڊن جو سير باقي
نيويارڪ ، مارسيلز برلن جو سير باقي
پئرس جي صاف و رنگين گلشن جو سير باقي
واشنگٽن ۽ ٽوڪيو پيڪن جو سير باقي
ديوي دکن آ گهيريو هندوستان تنهنجو
آهي سڃو ۽ سکڻو ملڪي مڪان تنهنجو

٤

يورپ ۾ ڏيسنيءَ جو سامان ٿي رهيو آ
بيڪار هرڪو ديوي انسان ٿي رهيو آ

آباد شهر جنهن جي ويران ٿي رهيو آ
هندستان سجوئي سنسان ٿي رهيو آ
اهڙيءَ جڳهه ۾ توکي ڳهارڻ مان فائدو ڇا
رنج ۽ الم جي جو تن کائڻ مان فائدو ڇا

٥

اي لڪشمي اسان کان پوڄا به نت ڪرائين
ڪيرن ۾ ٻساط ٻوڙي ۽ تلڪ تي چڙهائين
تي ڏيو ڏيوريءَ جو پڻ چرڻ تي چمپائين
تڏهن گهر ڪنگال جي تي پيرو پٽيءَ نه پائين
تنهنجي ڏني دڪايل بلڪل عجيب چالي
سونو سنڌ ۽ سنگاسڻ رهجي وڃي ٿو خالي

## شير ڀڳوانداس آزاد

طرز- هوتم تنهنجا دائما ماڻا سڄڻ سهندو رهيو
ٽڪ- گرجندو، گجندو، هلي آءُ، شير نر ڀڳوانداس!
بي ڏڙڪ ٻانڪا، سچا سورهيه سڌر ڀڳوانداس!!
١- تنهنجي حشمت کان ڏڪي ٿي جيل جي گوري چڪي،
تنهنکي پڻ توکان رهيو خوف ۽ خطر ڀڳوانداس.

٢— ٻير ۾ لوهي زنجيرون، ڇيلهه ۾ پياري راس
ٿو اچي ڇم ڇم ڪندو سو رهيو سبر ڀڳوان—داس.

٣— درد جو پيالو لـڳي جنهن تي وانـگر پيچي؛
ٿو رکي سو لوه جـو جانئو جگر ڀڳوان—داس.

٤— تنهنجي تقريرن منجهان جڻ باهه ٻرڪي ٿي اُٿي؛
تنهنجي هر هڪ لفظ ۾ ٻجلي اثر ڀڳوان—داس.

٥— جيل جو عرصو ڏکو توکان بهادر خود ڏنو،
تنهنڪري توکي چڏ يائين پيشتر ڀڳوان—داس.

٦— تنهنجي ڏالي تي هزارين ميننـگن ۾ ٿي مڙيا؛
ٿي ڪشادا پڻ نه پيا پورا پـڌر ڀڳوان—داس.

٧— تو اڳينءَ هلچل ۾ پـڻ بيشڪ ملهايو پاڻ هو،
هاڻوڪي هلچل ۾ پڻ ڪيڙءَ ڪسر ڀڳوان—داس.

٨— آگ جا تنهنجي دکايل، سا اُجهامي ڪين آهه؛
اڄ ٻه اُن جـا نوجوانن ۾ اثر ڀڳوان—داس.

# گانڌي آرتي

طرز- اوم جئه جگديش هري -

ٽيڪ - جئه گانڌي گڻ ڪاري - جئه ديش هتڪاري
جئه ڀارت جا پوسڻ پيارا - ڪرم ڪلا ڌاري -
جئه ديش هتڪاري -

١ـ سرگ ڌام کان ماتر ڀومي - ٿوڪي وڻ ڀاري -
گانڌي ٿوڪي وڻ ڀاري -
بند ڇڏائڻ جي لاءِ پڌارين - سورهيه سهڪاري
جئه ديش هتڪاري

٢ـ يوگ بل سان ٿو جاڳايو - غافل نر ناري
گانڌي غافل نر ناري -
آهه الوڪڪ شڪتي تنهنجي نرمل ناميري
جئه ديش هتڪاري

٣ـ قرباني جي ڪالي جو ٿون ڀوتر پوڄاري
گانڌي ڀوتر پوڄاري
سوپ سنترتا تان سورهيه سروانس واري
جئه ديش هتڪاري

٤ـ مات هند جا ڀوت سپاتر مورت اوتاري
گانڌي مورت اوتاري
آزادي جي اشٽ ديو جا ڪامل اڌڪاري
جئه ديش هتڪاري

IMPERIAL RECORD DEPARTMENT
RECEIVED
7 SEP. 1931

## ملڻ جا هنڌ

**لاڙڪاڻو — ايل** - دواركا داس بڪسيلر
بڪسيلر شاهي بازار

" — روچير امرپڪچر هائوس لڪاسنگھ گهٽي

" — **صفر مل** اخبارن وارو

" — " دكايل "

" — نوروز پريس بندر روڊ

**حيدرآباد — ايل** - دواركا داس ائنڊ برد رس
شاهي بزار مکي گهٽيءَ جي سامهون

---

Printed and Published by Hoondraj Lilaram
'Dukhayal' at the Nauroz Press Larkana

Phasi Git Malha" (Sindhi)



* ڀارت جو بي تاج بادشاهہ *